# سُهطي

معياري ادب پيش ڪندڙ

ماهوار

# سهڻي

جنوري ١٩٧٠ع

جلد ١ نمبر ١

ايڊيٽر
طارق اشرف

قيمت: ١-٢٥ سال لاءِ: ١٢-٠٠

سهڻي پبلشرس
ايف/٤٥-٧٥٠، الهندو ڪڇو،
حيدرآباد، سنڌ

SOHNI Publishers
F/45-750, West Kutcha,
HYDERABAD, SIND

جيون آشا، جيون پيڙا
آرسي
پانڌيئڙا، جي پيار جا
محبوبہ جي تلاش (طنز و مزاح)
خوش نصيب بد نصيب

# ڪھاڻيون

الهہ بچايو لغاري
عبدالقادر جوڻيجو
نديم قاضي
آغا بشير
ظفر حسن

راتين جي نغمن ۾ اونداهين سان گڏ ننڊ ڊوڙڻ لڳي. ڏينهن جي روشنيءَ ۾ اکين جي گهور سمائجي ويئي. هوا هنج کولي ڇڏيا. ويجهڙائيءَ ۾ روچي بہ ٿاه ڪونہ ڪاڏائين، هر ڪا ڳالهہ پنهنجي سانچي ۾ فيٽ ٿئي. تصوير جي ڪابہ ليڪ اجائي ڪيڏانهن ڊوڙي ڪانہ نڪتي ٿئي. ڏهہ ڏينهن، پندرهن، مهينو، وقت قربتن جي مدّ ڪي رچائيندو ويو. هو رڃ وارا بيابان مٿي ترائن ۽ ڍنڍن جي ديس ۾ اچي پيو.

”تون ذر ذر ائين اسانجي گهر نہ ايندو ڪر.“

”ڇو؟“

”شڪجي پوندا.“

”ٺيڪ آهي، تنهنجي شل جان بچي، اسين اڳئي الهن ڏکن جا ڏاڍا آهيون.“

”تون ليائيءَ کي نهٺ موچڙا ڪارائيندين.“

”پر آءٌ نہ هاڻي کهٽ تو اچان!“

”ها پر....“

”پر ڇا؟.... ٿورو اورتي اچ“

”اونهون.“

”ڇو؟“

”بس.... ڏسي وٺندا.“

”ڏسي وري ڪيئن وٺندا، هيستائين ڪونہ ٿي ڏٺن ۽ هينئر...“

”اونهون.“

”اونهون ڇا؟“

”سچي ڳالهہ ٻڌائين؟“

”ها.“

”مون جيڪي تو کي سمڌو هو، اها ڳالهہ نہ آهي.“

”ڪهڙي؟“

”بس، دل نٿي چوي.“

هنکي ائين محسوس ٿيو، ڄڻ سندس اکيان ميران بيٺل نہ آهي بلڪ آرسي آهي، جنهن ۾ سندس چهرو پيو جهلڪيون ڏئي.

ڪيترا ڀ اسين غريب ڇو نہ سهي، پر آءٌ اهو ڪجهہ سوچي سگهان ٿو، جو ٻيو ڪير ڀ سوچي نٿو سگهي. ۽ امان، هي ٻير وڏيرا ۽ زميندار ڏاڍا بدنصيب آهن، جو هو ڪجهہ ڪري تہ نٿا سگهن، پر ڪجهہ سوچي ڀ نٿا سگهن. آءٌ خوش نصيب آهيان، آءٌ وڏو ماڻهو آهيان."
ائين چئي آءٌ ٻاهر وڃڻ لڳس ٿو.
ٻيهر امان جو آواز اچي ٿو، "تنهنجون اهي ابتيون ڳالهيون مونکي تہ سمجهہ ۾ نٿيون اچن، الائي ڇا ٿيو سوچين!"

امان جو ڪهڙو ڏوهہ، امان کي ڪهڙي خبر تہ آءٌ ڇا سوچي رهيو هوس.

---

# سنڌي زبان

— اسان سنڌين کي گهرجي تہ وڏن ٻوڙهن کي ڇڏي، سنڌ ۾ آيل هن سڀني مهاجرن سان، دڪاندار سان، واپارين سان، پاڙي وارن سان، ڏنگي وارن سان، مطلب تہ سڀني سان سنڌيءَ ۾ ڳالهائڻ شروع ڪريون تہ سنڌي سکي وڃن. عرب آيا تہ عربي درجي بدرجي ڇڏي ڏنائون، ائين پارسي ۽ بلوچي زبانون بہ هٽ بند ٿي ويون. ٻي ڪار آمد زبان سکڻ سٺي ڳالهہ آهي مگر ان کي روزمره جي ٻولي نہ بنائجي. روزمره جي زبان فقط مادري زبان هئڻ گهرجي. ٻار جي موثر تعليم بہ مادري زبان ۾ ٿي سگهي ٿي. اهو تعليمي نفسيات جي عالمن جو فيصلو آهي.

- علي نواز حاجن خان جتوئي
(علم لسان ۽ سنڌي زبان' نالي ڪتاب مان ورتل)

HOTEL

# ORIENT

HYDERABAD

* Free Movies for residents
* Roof Gardening
* Telephone in every room
* International A la Carte
* Micro Buses available

حيدرآباد ۾ *** نقطه ڪري
مُڪمل ترين ائير ڪنڊيشنڊ
هوٽل




---

# نئين زندگي

جنوري پرچو

## ڪهاڻي نمبر

۵ سنڌي ڪهاڻيڪار: ع. ق. شيخ، آمر جليل، الهه بچايو لغاري، عبدالرحيم جوڻيجو ۽ علي بابا.

انهي ۾ کان علاوه هڪ بنگالي، هڪ پنجابي، هڪ بلوچي ۽ هڪ پشتو ڪهاڻيڪارن جي ڪهاڻين کان علاوه ڪارائتا مضمون به پرچي ۾ شامل آهن.

في پرچو: ۵۰ پئسا     سال لاءِ چندو: ۵-۵۰ رپيا

پاڪستان پبليڪيشن، پوسٽ باڪس نمبر ۱۸۳، ڪراچي ۱

نظم
نظم
آزاد نظم، غزل
غزل
نظم
آزاد نظم
وائي، بيت
دوها، بيت

# شعر

نياز همايوني
قمر شهباز
امداد حسيني
ذوالفقار راشدي
نثار بزمي
زيب سنڌي
پير بخش ڀياسي
منظور قريشي

هڪڙو شاعر
عبدالغفور عابد

قمر شهباز

# اڄ

اڄ وري مون پَهُه ڪيو آ، رت جي راند رچائڻ جو،
ڏاڍي کي ڏهڪائڻ جو، قاتل کي ڪيرائڻ جـو.

اڄ وري مون پَهُه ڪيو آ، ٻيهر مَچُ مچائڻ جو،
پتنگن وانگر ٻچڙي ڪاسي، پنهنجي جند جلائڻ جو.

اڄ وري مون پَهُه ڪيو آ، ڌرتيءَ کي دهلائڻ جو،
تن من ڌن کي گهوري واري، گهاتُو گهر موٽائڻ جو.

اڄ وري مون پَهُه ڪيو آ، گهائل کي پرچائڻ جو،
سُوره کي سنگينن تي ٻي مُرڪي منهن مرڪائڻ جو.

اڄ وري مون پَهُه ڪيو آ، جاڳي جوت جلائڻ جو،
طوفانن ۾، انڌيـــارن ۾، ٻڪي رستو ڳائڻ جـــو.

اڄ وري مون پَهُه ڪيو آ، وڇڙن کي ورسائڻ جو،
ٻيجل جو ٻهروپ مٽائي، وڇڙيل وڏل ورائڻ جـــو.

اڄ وري مون پَهُه ڪيو آ، سوڍي کي سهجائڻ جو،
مومل واريءَ ماڙيءَ تي اڄ ٻيهر واڳ ورائڻ جـو.

اڄ وري مون پَهُه ڪيو آ، سنڌڙيءَ کي سرچائڻ جو،
ڪنڌ ڪپائي، جيءَ جلائي، پنهنجي منزل پائڻ جـو.

(٢)

اڄ وري زنجيرون ڇڄنديون، مارئيءَ جي مجبورين جون،
اڄ وري تقديرون کُلنديون، صديون جاڳيل سورن جون.

اڄ وري جهنڊا جهلندا راهوندن تـي رستن تـــي،
اڄ وري سرمـــد جهڙي مستي ايندي مستن تـــي.

اڄ وري شعلا اٿندا، آڳ لڳي آکاڙي ۾،
اڄ وري ڪانڊر کسندا، رنگ ڄل جي راڙي ۾.

اڄ وري ڦڦڙون ڦرنديون، ڪينجهر جي ڪانيارن جون،
اڄ وري تدبيرون ٿيئنديون، تاريڪيءَ جي تارن جون.

اڄ وري آديسي ايندا، صدين جا سوداءَ کڻي،
انسانن جي آنيائن جا، سيني ۾ سَوَ گهاءَ کڻي.

اڄ وري خوابن جي خوشبو ڦهلي ويندي بستيءَ ۾،
هوشو ايندو، هوڪارن سان، للڪاريندو مستي ۾.

اڄ وري ڦنديلون ڦرنديون، جهرڻا جهانجهه وڄائيندا،
اڄ وري ماروئڙا ميڙندا، گڏجي جهومي ڳائيندا.

(٣)

ڏئون ايايو آيو آهي، ماضي ماري موٽي ويندو،
جيڪي ٿيندو، اڄ ئي ٿيندو، اڄ ئي ٿيندو، اڄ ئي ٿيندو!
جيڪي ٿيندو، اڄ ئي ٿيندو، اڄ ئي ٿيندو، اڄ ئي ٿيندو!

قمر شهباز

# اي رات نہ رو

اي رات نہ رو، ذات نہ رو، لات نہ رو،
ڪجهہ دير سهي شدتِ جذبات نہ رو.

هيءُ زخم بہ گهرو آ، هر اشڪ تي پهرو آ،
جو تنهنجي هٿان مليو، سو گهاءُ سنهرو آ.

هي گيت به گهايل آ، سنگيت اڄايل آ،
هڪ دل جي اداسي آ، جا تو تي ٿي مائل آ.
اڄ مور اڪيلو آ، اڄ دور سويلو آ،
هن دل ۾ سوين يادون، ڪو درد جو ميلو آ.

تون ياد هجين ها مان دل ۾ سمايان ها،
تون درد هجين ها مان سيني سان لڳايان ها.
تون گيت هجين ها مان تو کي ٿي نه ڳايان ها،
سنگيت هجين ها مان ڪنڌ ڪپايان ها.

پاڇولو هجين ها تون، پڙلاءُ هجان ها مان،
جي گهور هجين ها تون، بس گهاءُ هجان ها مان.
جي پيار هجين ها تون، پڙاءُ هجان ها مان،
جي پور هجين ها تون، پڇتاءُ هجان ها مان.

مان ذات هجان ها ۽ لات هجين ها تون،
مان چشم هجان هان، برسات هجين ها تون.
مان گهور هجان ها ۽ گهات هجين ها تون،
مان روح هجان هان ۾ رات هجين ها تون!

تقدير جي آڏو پر تقدير نه هلندي آ،
جي خواب اڌورو آ، تعبير نه ملندي آ.

اڄ موت ڏني مات آ، برسات نه رو،
اي رات نه رو، ذات نه رو، لات نه رو!

امداد حسيني

# ست امر آهي

شبد شبد ۾
سُرُ لهرُ آهي
لهر بحر آهي

شبد شبد ۾
ويڇوڙي
واکهه آلو آهي

ڪوڪائي ڏس
هي سُتُ
دل جو در آهي

هي جڳُ هو جڳُ
ٻنهي ۾
ڪسُ ڪسرُ آهي

روح ۾ ڪوري ڪاڳر تي
مسُ ڦڦڙي سان لکيل
سَتُ امر آهي!

# زنجير

زندگي
اڄ
۾
اڪيلي
۽
اداس
آهه
ائين،
ڪالهه
هئي
جيئن
اي
دوست!

اسداد حسيني

# آخري خواهش

اسين جنهنجي وٽ ڪي ٿا سوريون سدائين
اسان وانگي آن ڪي نه ٿل تون وسائين
اي سائين!
اهو تنهنجي غم جو ڏيو ئي ته آهي
اهو پل ته روشن رهي عشق جي قبر تي!

هونئن ته هن جيون ۾
ڪيتريون آيون ويون
ليڪن مون کان
تون ۽ تنهنجي ساهيڙي
وسري ڪونه ڪڏهن سگهنديون
چاهي آءٌ ڪٿي به هجان!

# غزل

ڪي پنهنجن کان به ٻنهه پنهنجا ڪي ڏورانهن کان ڏورانهان،
ڪي قاتل زهر ڪنان به ڪڙا ڪي ماکيءَ مصريءَ کان به مٺا.

ڪي ڪَٺُر ڪٺن ڪارا پٿر جان ڪي ڳنڊ ڳنڊ ڪن پاري پٿر جان،
هيءَ پنهنجي مٽي آ ڪي سَچ مٺا ڪي ڪچ مٺا.

ڪي سنڌو جي امرت ڌارا ڪي کاري ساگر کان کارا،
ڪي انت تري تائين به ڪڙا ڪي انت تري تائين به مٺا.

ڪي جيءَ ۾ جاه ڏين جهڙا ڪي لوڏي ٽڙي ڪيڻ جهڙا،
ڪي ٻنڌ ٺٽيا پيلا ٿي رهيا ڪي وڏڦڙا ٿي نرم ونا.

ڪي گل لڳي تي ٽڙڪي پيا ۽ پڌري پٽ تي ترڪي پيا،
ڪي اهڙا هٺ به ماءُ ڄڻيا جن گولين ڪي به ڏنا نه پٺا.

امداد حسيني

## غـــزل

رستي تي ڪو ٻيلو هو، هُو يا هُنجو پاڇو هو.
پاڙر منجهه پڙاڏو هو، هو هو هو هو هو هو.

دريءَ منجهان ڪو ٻلو هو، ڪوڪو هو، هو ڪوڪو هو، هو.
منَ مهراڻ ته مانو هو، رنجُ ۾ ڇا جو رڙڪو هو.

هونئن ته ڪهڙو ڪي ڏاهو هو، ڪانگ به ڀيرو ڦاٽو هو.
جوان نوڪرياڻي هئي، ڪهڙو روز ٺٺيڪو هو.

طنبوري جي تار ٽٽي، روح اڃا سس رهندو هو.
ڇا جو حقُ ۽ الصاف، جو ڏاڍو سو ڪابو هو.

سنڌڙي جو مون ساڻ هئي، جنڌڙيءَ ڪهڙو جو ڪو هو.
وشال نملو آسمان، منهنجو جيڏو سڙدو هو.

تنهنجي در تي پهچائي، اهڙو ڪهڙو رستو هو.
اهڙج جو اظهار نه ڪر، ’امداد‘ الهئي اهڙو هو.

## غـــزل

کوٽ کوٽ آهي يارن جو شهر شهر آهي يارن جو،
دل ڪان آخر ڪيڏو پڇندين، دل به نگر آهي يارن جو.

هن اولنهنءَ جي اونداهيءَ ۾ لال لهو جا ڏيئا ٻاري،
منزل ڏانهن وري هڪ ڀيرو، عزم سفر آهي يارن جو.

پيٽ پرٻل جي هوندو آهي چنڊ به سهڻو لڳندو آهي،
هي ڪنڊڪ جي ماڻي ڪانهي ڪا زخم نظر آهي يارن جو.

درد جي ديوار آڪاس آهي آڪاس ڪي رت جي پياس آهي،
هي رنگ شفق جو ڪونهي ڪو خون جگر آهي يارن جو.

ذوالفقار راشدي

## غـــزل

ڪاريهه آس جا مارئي سامي مانجهاندي جا ماڳ نه لهندا،
ڪوڪاريندا هانوءَ ڦٽي پر ڪوئل جهڙا راڳ نه لهندا.
پَر آهي مهڻن سان ميڙيو، چوڌر ليڪن وقت جو گهوڙو،
منهن زوري ڪي ڪمر نه روڪي، خواب هوا جي واڳ نه لهندا.
سهڻيون ڪي نئي سائر پوڙيون، ميهر بيوس ۽ ويچارا،
لوبا ٽڪجي ويهي رهندا، جر مان پنهنجا پاڳ نه لهندا.
سالت جو هي درياءُ اٿاڪو، چپ چپ جنهنجي وهڪ ازل کان،
فرق صدين جا سات وڃا ني هڪڙا پين جي جهاڳ نه لهندا.
راندبڪر، هيءَ ڪيڏ ختم ٿي، چوپڙ-ڏارا ورڙهيو پنهنجا،
انسالي آزادين آڏو، پادا، ڪهوڙا آڳ نه لهندا.

## غـــزل

جيئن ديد ملي، دل به رلائي ته ڏسان ها،
ڪنهن ڏالوءَ سان مان لانءِ ملائي ته ڏسان ها!
ڏسجي هاڃائن جو ٿئي حشر ٿو ڪهڙو،
تابوت محبت جو جلائي ته ڏسان ها!
هڪ پيرو اجازت تو گهران، صاحبِ صورت،
ڪي لحظ توکي سيني سان لائي ته ڏسان ها!
اڄ رات رکو تنهنجي نگاهن ۾ نهاري،
لهان مان سندم پرت کي پائي ته ڏسان ها!
تشريح وفا مون کان مڪمل نه ٿئي ٿي،
ويجهو آ، وفادار، جتائي ته ڏسان ها!
الزام ۽ بهتان ته پٺيءَ کان ٿئي پاهر،
مان پي ڪي پرين لاءِ هلائي ته ڏسان ها!

نثار بزمي

# اُوسيڙا ۽ آس

نارِ نماڻي اوسيڙن ۾ وئي آس نپائي
سانگيڙن جي سِڪ ۾ ويٺي نيڻن نير وهائي

ڏاڍو پنهنجي ڏاڍائي ۽ جون ٻوليون ويٺو ٻولي
لاهي پائي ٻيئو جيڪو تنهنکي کو سمجهائي

جهنگ جتن جي لئو ويچاري وا آجهو ڏاڻي پاڻي
خونِ پسينو ٿيئي وٺي، ماس لڳن جو کائي

مسڪينن جي هي ۽ امانت زوري ۽ زور جهلي آ
'ٿرجي راڻي' ڪيئن پلاهت پنهنجو من مرڪائي

ڪکوڙن ري ۽ قرار نه جنهنکي، محلن ۾ ڪيئن ويهي
ڏهه ڏهه ڪوڙها ڳاڙي پنهنجي غم کي ٿي ٻرچائي

مرڪ نه منهن تي چپڙه چڳن ۾، ٻوساٽيل چهرو
حسن حقيقت ۾ تو وينو پنهنجو شان لٽائي

عصمت جي راڻي ۽ تي ڪهڙا ڏينهن ڏکيا هي آيا
قسمت جي ماري ۽ کي واپس مولا شل موٽائي

هيڻن ۽ ڏاڍن جون ڳالهيون جاڏي تاڏي آهن
هيڻو ويچارو ڪيئن پنهنجي آخر جان بچائي

ظالم مٽجي ويندو آهي. ظلم ته هوندو آهي
باقي مظلومن جون دانهون سگهه ٿيون ڪين دٻائي

'بزمي' صاحب رنگ جهان جا ويٺو ڏس تون پائي
هڪڙي پاسي راحت ٻي پاسي تو غم ڳڙڪائي

# سپنن جا سوارا

## زيب ٻٽي

تنهنجون اکيون نيل ڪنول
منهنجون اکيون جهيل ڪنارا
تون ٻي ساڳي
مان ٻي ساڳيو
تنهنجون ٻانهون منهنجون ٻانهون
ساهه ڪيون ٿي هلڪيون دانهون
تو به ڏٺو هو ۽ مون به ڏٺو هو
چپڙن جي آمرت کي ڇهي
پيار جو سودو
تو به ڪيو ۽ مون به ڪيو
مون نه وڃايو
تو آ پاتو
يا تو نه وڃايو
مون آ پاتو
تنهنجو منهنجو اڻ ٽُٽ ناتو.

(٢) تنهنجا نيڻ رسيلا- منهنجا نيڻ نشيلا
چانڊوڪيءَ جا ترڪا ترڪا
نيڻ ڪني تو چميا ها پلڪا
جن ڏات رُني هئي ساري رات
تارن ڪئي هئي هات ۽ جهات
لڪ لڪوليءَ جيان سپنا ساڳيا
جنهن ۾ ها پور به ساڳيا سور به ساڳيا
پنهنجا جت ها چپڙا الڪيا.

(٣) ساگر ساگر ٿيا دور ڪنارا
مون کي مليا سپنن جا سهارا.
تو نه خوشين جا ها موتي روليا
مون نه غمن جا ها موتي ڳوليا
چوڏهينءَ جون، چانڊوڪيون تو کي حاصل
اوندهه، جون اونداهيون مون کي حاصل
تون به جدا ۽ مان به جدا
پنهنجون يادون آهن ڪين جدا.

پير بخش پيا سي

# وائي

سانوڻ آيو تون نه جو آئين، ساجن بن تو ڪارا، پريتم پيارا؛
ساجن بن تو ڪارا.

ٽرن برن مٿي مينهن سنداءَ، وسن وس ٿيا وسڪارا، پريتم پيارا؛
ساجن بن تو ڪارا.

ڏيڏرون ترايون پلر سان پلٽي، سنڌوءَ چڙهيا هي ڪنارا، پريتم پيارا؛
ساجن بن تو ڪارا.

ڳاهه ۾ گل ڦل ساوڪ سان تر، ٽهون اڏون سڀ ٻارا، پريتم پيارا؛
ساجن بن تو ڪارا.

بڪن اڄن جا ڏنڀل مارو، سرهاڻن سي سنگهارا، پريتم پيارا؛
ساجن بن تو ڪارا.

ڪهڙا ڪئي ڪن هيج سان سهڪون، ناز نوان نت نيارا، پريتم پيارا؛
ساجن بن تو ڪارا.

ٻهر ٻير ۾ ٻانئي ٿي هر هڪ، اڪ اڪ جا ڏي اشارا، پريتم پيارا؛
ساجن بن تو ڪارا.

هيرون هوائون صاف ٿڌيرون، نرمل نوري نظارا، پريتم پيارا؛
ساجن بن تو ڪارا.

چنڊ چڙهيو آ ڪتيون قطب ڏس، ٽڙيا تو لاءِ تارا، پريتم پيارا؛
ساجن بن تو ڪارا.

ٻهر ٻهر تو ياد ڪندي مون، ڳاڙيا لڙڪ هزارا، پريتم پيارا؛
ساجن بن تو ڪارا.

## بيت

الله آڏيءَ رات جو، چڙيا جڏهن چنگ،
محبت جا محبوب کي، وصل وڏا ونگ،
ات اندر جا امنگ، کهلي آدس کهڙتي.

منظور قريشي

## دوها

ڳليءَ ڳليءَ ۾ ڳالهيون ڳالهائي ڇو ٿو ڪرين بدنام،
پريت ڪيم ڇا ان لاءِ توسان ڪندين اهو انجام.

تنهنجي ڳليءَ مان لنگهندي سڄڻي موکو ٿي ويو سن،
يادون تنهنجون موٽي آيون تڙپي ويو هي تن.

تنهنجن وعدن جي پرين ڪيان ڪهڙي ڪهڙي بات،
اکڙين ۾ ڪاٽي ڇڏي سون پياري پياري رات.

والون تو لاءِ واجهائيندي پڌري ٿي پرڀات،
ٿڌڙا ٿڌڙا ساهه ڀريندي وئي وهامي رات.

رهندي ڪيسين ٿالي هيءَ ڪاري ڀات،
نيٺ ته ڇنڊي ڇاٽ الا او نيٺ ته ڇلندي ڇاٽ.

## بيت

ڪٿي سج آيا ڙيا، ڪٿي سانجهڙون آيون،
مور نه لهن من تان يادن جون پرڇانيون،
ساٿي ڪٿن پلايون، ورهين جي ورونهن کي.

ڏسي اُت رابيل جي جاڳيا سور سُتل،
آندا آنت آندوه الدر جي اٿل،
سکهو آءُ سانول، ساهه باقي ڪي ساعتون.

رنو ڪير هو رات، کهوري منهنجا ڪهاءُ،
سڏڪن جا سانت ۾ پهتا پئي پڙلاءُ،
ڪنهن جا هي پرياءُ، آهن منهنجي ساهه سان.

عبدالغفور عابد

## گيتن جي ڪهاڻي

تقدير جهي ملڙا سهڻ ڏنا
تن درد پريا هي ڪمت ڏنا
فرقت ۾ ڏنا، قربت ۾ ڏنا
تن ياڻ ڏنا، جنهن ربت ڏنا

چاهت ۾ طبيعت ساز بڻي
جذبن کي نوان سنگيت ڏنا
هر حال غزل ٺهندا ئي رهيا
ڪجهه هار ڏنا، ڪجهه جيت ڏنا.

## مومل جو جلڻ

مومل جو ڀهانو خوب ٺهيو
تقدير عجب جي چال هلي

هن ياڻ ڏنا شبهات - جفا
سون ياڻ ڏنو، هي ظلم هلي

ڪنهن ربت نه دل تي صاف وري
جا ڪاڻ ٺهي سا ڳالهه هلي

خاموش ٿنهي اسي درد سٺا
دنيا به ڪجهارت ڪاڻ سلي

ڀرين نه سموري ڪاڪ ڊني
ٻوءِ يار، سندم مومل به جلي!

## عبدالغفور عابد

اڙي مان نظر جو ڏٺارئل آهي
در ـ دلربا تان ڌڪارئل آهي
جدائيءَ جي ڪُٺين جو ڪارئل آهي
اجائين اُميدن تي جيارئل آهي
اچڻ ڪان، وڃڻ ڪان وسارئل آهي
جنون ـ مُحبت جو مارئل آهي

## ڪير

مگر عشق ۾ ٿيو وفادار ڪير
جفاءِ صنم جو روا دار ڪير
خوشي سان ستم جو سزاوار ڪير
رقيبن جي راتين جو آزار ڪير
نگاهه ـ پشيمان جو حقدار ڪير
تصوُّر تي هن جي گرانبار ڪير؟

اسان جي محبت اجا آهي اڌوري
اجا آزمائش ڪٿي ٿي سموري
اجا عاشقي ٿي سکي ڪانه پوري
جو سختيءِ هجران اجا آهي ضروري

## اڌوري محبت

اچانڪ دل ـ زار جي نام آيو
ملاقات جو خاص پيغام آيو
ورين پاڻ ”عابد“ لب ـ بام آيو
شب ـ وصل ڪالهه سر ـ شام آيو.

عبدالغفور عابد

# سپنن جو ڏنڌ

ٽٽي جنھن سمي پيو منحبت جو سپنو،
آنھي ٿي سمي ھر خوشي پي ٽٽي پئي.
ھليا وڃا سيئي جوش، جذبات دل مان،
ڪٿي ڪان اچي جواني ڪٽي پئي.
اثر ٿيو آداسي جو اھڙو ڪو 'عابد'،
نه ھمت جھلي ٿي، ھٽي مان چٽي پئي.

## غـــزل

ڇا مليو ياد ڪان سوائي، ياد ـ ناشاد ڪان سوائي.
ڪير سائي وچي رھيو آ، عشق ـ برباد ڪان سوائي.
حرف ڪونھي زبان تي ڪو، حرف ـ زباد ڪان سوائي.
وصل ـ شيرين نه ٿيو مقدر، ڪار ـ فرھاد ڪان سوائي.
ڪار ـ فرھاد ڪنھن ڪان پھتي، صرف فرھاد ڪان سوائي؟
بلبل و گل جو ذڪر ڇاھي، دام ـ ضياد ڪان سوائي.
ھا، اسان ٿي غلط ڪھڙو ھو، داد، بيداد ڪان سوائي!

## غـــزل

ھو آيا، ڪجھ پيرا آيا، پوءِ فرقت جا ڦيرا آيا.
راتين جا انڌيرا آيا، تنھائن جا گھيرا آيا.
دل پر غم جا ديرا آيا، صدما پيءِ سر سھرا آيا.
دلبر ڪي گھوليوسين 'عابد'، ھنجي دل پر پھرا آيا!

آونداهي ذرتي، روشن هٿ | هڪ مطالعو

# مضمون

مراد علي مرزا

رجن ۾ رڙ ڏي
پيچل
ويرون ۽ لهرون
جندڙي

ڪتابن تي مختصر تبصرو

# پرک

ظ-ح
ط-ا

جي ڊير مان به سوالهن ڪيڏي اهي. اونده مان روشني ڪيڏي آهي؟
ڇو جو اونده ۾ به روشني آهي، ۽ افسوس جو اونده روشني کي
ڏسي اٿي سگهي، ٨٣ پيج ڪان سواءِ ڪهاڻي مشتاق احمد شوري
جي سلين ڪهاڻين جي قطار ۾ ڪٿي سگهجي ٿي. هاڻ اچو ته اسين
پنهنجي علم ۽ ادب کي گڏجي ڇولي تي چاڙهيون. شل سنڌي ادب
هميشه وڌندو ويجهندو رهي. — آمين
— ٽيرٿداس هوتچند، حيدرآباد، سنڌ

• ٻن ڪهاڻيڪارن جون ڪهاڻيون پڙهندي محسوس ٿيندو آهي ته
اهي واقعي پڙهڻ لکيل آهن، ۽ مطالعو وٽ اٿن— هڪ اردوءَ
جي مشهور ڪهاڻيڪار قرة العين حيدر ۽ ٻيو سنڌيءَ جو مشهور
ڪهاڻيڪار آغا سليم. ڪهاڻي آهي، جيڪا ذهن کي متاثر ڪري ۽
ديرپا اثر ڇڏي— 'اونداهي ڌرتي، روشن هٿ' به اهڙي ڪهاڻي
آهي. مان ته اوهانکي اها صلاح ڏيندس ته جنهن پرچي ۾ آغا سليم
جي ڪهاڻي ڏيو، تنهن ۾ ٻئي ڪنهن به ڪهاڻيڪار جي ڪهاڻي نه
ڏيندا ڪريو. آغا جي ڪهاڻيءَ ڪاپوءِ ٻي ڪنهنجي ڪهاڻي نه
وڻندي آهي.

س. ب. جيلاني، حيدرآباد سنڌ

